# بڻايون سُک جو کو سنسار

هيءُ گيت عبدالڪريم ”گدائي“ جو لکيل آهي. هو جنوري 1901ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڄائو هو. پوسٽ کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. جتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ صحافت سان لاڳاپيل رهيو. سنو شاعر هو. نظم کان سواءِ نثر بہ لکيو اٿس، سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا ”پکڙا ۽ پنهوار“، ”ساڻيهہ جا سور“ ۽ ”پيماني تي پيمانو“ ڇپيل آهن.

هڪبئي ساڻ حقارت ڇاڄِي؟ انسانن سان نفرت ڇاڄِي؟
ڪِينو ساڙ ڪدورت ڇاڄِي؟ مذهب پنهنجو پيار،
بـڻــايــون سُک جو کو سـنـســار.

ذاتيون، پاتيون، فخر وڏايون، رنگ نسل جون سڀ اَرڏايون،
آهن جنگ فساد جو باعث، زهر سندو پرچار،
بـڻــايــون سُک جو کو سـنـســار.

جنگ جدل آهي چوڌارِي، انسانن جو رت آ جارِي،
ساڙي آهي دنيا ساري، نفرت جي پرچار،
بـڻــايــون سُک جو کو سـنـســار.

رنگ نسل سڀ ڍونگ اجايا، پيٽ ٻڪئي جا سانگ بڻايا،
گوري ۾ ڇا، ڪاري ۾ ڇا، ساڳيو آهہ ستار،
بـڻــايــون سُک جو کو سـنـســار.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- جنگ ۽ فساد جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

2- نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

حقارت – ڪينو – ساڙ – سنسار – ڪدورت – ارڏايون.

**(ج) هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي، جيئن: حقارت جو ڪدورت.**

**توهين هن نظم مان هم آواز لفظ ڳولي لکو.**

**(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:**

○ جنگ جدل آهي چوڌاري، ____________ جو رت آ جاري،

ساڙي آهي ____________ ساري، نفرت جي پرچار.

بٽايون سُک جو ڪو سنسار.